SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XIX، مجريه 1973

SINDH ACT NO.XIX OF 1973

سنڌ شهري غير منقولا جائيداد ٽيڪس (ترميمي) ايڪٽ 1973

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ACT, 1973

فهرست (CONTENTS)

ديباچو

1. مختصر عنوان ۽ عمل
2. 1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3 جي ترميم
3. 1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3-A جو متبادل
4. 1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 23 جي ترميم

SINDH ACT NO.XIX OF 1973

سنڌ شهري غير منقولا جائيداد ٽيڪس (ترميمي) ايڪٽ 1973

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ACT, 1973

5 ڊسمبر 1973

تمهيد

هي قانون 1958ع جي سنڌ شهري منقولا جائيداد قانون ۾ وڌيڪ ترميم آڻڻ لاءِ جوڙيو پيو وڃي.

جيئن ته مصلحت هيٺ 1958ع سنڌ شهري غير منقولا جائيداد ٽيڪس (محصول) ۾ ترميم ڪري هيٺ ڏنل طريقي سان ايڪٽ کي واضح ڪيو پيو ويو.

مختصر عنوان ۽ عمل

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ شهري غير منقولا جائيداد ٽيڪس 1973ع سڏرائيندو.

(2) سمجهيو ويندو ته ان جا دفعات "2" ۽ "3" پهرين جولاءِ 1972 کان لاڳو ٿيل آهن.

1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3 جي ترميم

2. 1958ع جي ايڪٽ سنڌ شهري ترميم جي دفعه "3" جي ذيلي دفعه (2) لاءِ شرطيه جملي وضاحت ڪانسواءِ باقي هن ريت تبديل ٿيل ڄاتو ويندو.

"(2) هن ايڪٽ جي ذيلي دفعه "3" ۽ "4" جي روشنيءَ ۾ عمارتن ۽ زمينن تي سالياني ٽيڪسن هن پئماني مطابق مڙهي، ورتي ۽ گڏ ڪئي يندي.

(a) ڪراچي ضلعي جي متعلق علائقن جا اگهه (Rates)	
(i) جتي سالياني ملڪيت 250 رپين کان وڌيڪ مگر 12000 کان گهٽ	ملڪيت جي سالياني ملهه تي 20 سيڪڙو
(ii) جتي سالياني مالڪيت 12000رپين کان وڌيڪ ليڪن 20000 رپين کان گهٽي نه هجي.	22.1/2 سيڪڙو سالياني مالڪيت جي حساب سان
(iii) جتي مالڪيت 20000 رپين	ملڪيت جي سالياني ملهه تي 25 سيڪڙو حساب سان

کان گهٽي هجي. (b) حيدرآباد ۽ سکر جي متعلق علائقن ۾ (c) ٻين تعلق رکندڙ علائقن ۾	16.1/2 سيڪڙو سالياني مالیت جي حساب سان 14.1/2 سيڪڙو سالياني ملڪيت جي حساب سان.

1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3-A جي ترميم

3. بيان ڪيل قانون جي دفعه "3-A" کي هن طرح سان تبديل ڪيو آهي.

"3-A" جمع ٿيل محصولات جيڪا تعلق رکندڙ علائقن کان حاصل ڪبي، ان مان 5 سيڪڙو ٽيڪس وصول ڪرڻ جي خرچ طور ڪٽي باقي بچت سرڪاري ۽ مقامي ڪائونسل جيڪا ان هن ريت ورهائي ڪٽندا.

a) ڪراچي ميونسپل ڪاميٽين جي صورت ۾ حڪومت ۽ ميونسپل ڪاميٽيز وچ ۾ تناسب 3.2 هوندو.

b) حيدرآباد ۽ سکر ميونسپالٽين جي صورت ۾ ان جو تناسب 20.13 هوندو.

c) اگر ڪنهن ٻي صورت ۾ حڪومت ۽ مقامي ڪائونسل جو تناسب "20.09" هوندو.

1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 23 جي ترميم

4. تبديلي هيٺ آيل ايڪٽ جي دفعه 23 ۾ ذيلي دفعه (3) کانپوءِ جيڪو فل اسٽاپ اچي ٿو، ان بدران ڪاما رکي ويندي ۽ ان ۾ هي شرطيه الفاظ وڌايا ويندا:-

"مگر شرط هي آهي ته غلط بيان ڪيل يا داخل ڪيل ٽيڪس بابت انگ اکر، جيڪي ٽيڪس گهٽائڻ لاءِ مهيا ڪيا ويا ته ان کان 500 روپيا ڏنڊ وٺبو يا ٽيڪس کان ٻيڻي رقم جيترو وٺبو، پر اهو ٻنهي مان جيڪو وڏو هجي."

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.